# چڻن وارو

"گرم چڻون گرم" ڪنهن منڊي گهورڙي جو
آواز هو. گهٽيءَ ۾ وري به چهل پهل شروع ٿي وئي.
نه ته هيءَ ٽپهريءَ جو وقت ٿي اهڙو آهي، جو
چوطرف موڪلائي پيئي نظر ايندي آهي. سياري جي
اُس ۾ هونئن ئي نڪاڻ گهٽ، باقي به هن مهل ته اُها بلڪل
اوپري پيئي لڳندي آهي، اصل ايتري قدر جو رڪي
رڪي جا هير لڳندي آهي، آن ۾ به ڪنهن جي موڪلائيءَ
جي مايوسي پيئي، محسوس ڪبي آهي. منڊ ۾ به ڪڏ
نه وڃي اُس جي ترڪي ۾ ڪتاب پڙهندي پڙهندي
جڏهن هيءَ مهل ٽپندي هئي، اوچتو ئي اوچتو "رڙي
پيئي هٿي" ؟ "ڇپ چٽيائي ڏڏ ريءَ" جا هوڪا
گهٽيءَ جي مات ۽ اداسائي کي چيري جيرت ۾ چهل
پهل آڻي ڇڏيندا هئا. بمبئيءَ ۾ ڏڏريءَ بدران چڻون
ٿي سهڻي. سڄي زندگيءَ ۾ ڪا رنگيني ته اچي وئي.
۽ هوءَ جا ننڍڙي ڪملونئي مان آئي تنهن ته ٻاتيلي
زبان ۾ "ممون، ممون" ڪري گهر ٿي ٻٽي ڪٺي
ڏنو. پر "نا" پتني صاحبان لپاٽ هٿي وچاريءَ جو
گل ٿي سڄائي ڇڏيو.

”ڇڏ، چري ته ڪانءُ ٿي آهين، ڇنڇما ٿي نه هلين ڇا خار هن مان ٿي ڪڍين ڇا؟“ چوندي چوندي مون وٽي پنهنجي ڳل جهڙي ٻيبي ڪسي ڳلي لڳايو. پنهنجو داد ٽينڌو ڏسي، ننڍڙي شيطان معصوم ادا سان، ننڍڙو هٿ اڳيان وڌائي، سڏڪا ڀريندي چيو، ”دادا آنو ڏي.“

مون کيسي مان آنو ڪڍي ٻتري هٿ تي رکيو درورٽ اچي چمن واري ڪان هڪڙو جهون ورتم. ٻيبي ماٿ ٿي ويٺي، پر چمن واري کي ڏسي منهنجو من اچي چڙهيو. چيم، ”هي پنهنجو پراڻو پاڙيسري پرشوتم آهي.“ ليڪن هن تلوار ڪٽ مڇن واري شڪل، جانٺي سريرم آئي سينڌ ڪڍي ٻان وات م وجهي آڪڙجي هلڻ پرشوتم ۽ هن ۾ رات ڏينهن جو تفاوت هو. البت روش ٻنهي جا ساڳيا پئي معلوم ٿيا. پرشوتم جهڙو نکٽو چهون ٿي وڪڻي ها ته به ماڻس جيڪر گهورون کڻي گهوري ها، پٽ جي ڪمائي لاءِ ويچاري ترڦندي هئي. پر هن م هن يار جا ڪارناما ٿي عجيب هئا. ڪڏهن ڪنهنجو خرچو ڪيرائي ايندو هو ته ڪڏهن ڪنهن کي انگور هٿي اوتڙو ڪري ايندو هو. مطلب ته هڪ نه ٻيو ابتو ڪم ضرور ڪندو هو. هڪ ڏينهن پني جو نانگ ڏاهي وٺي رات جو پاڙيسرين کي ڊيڄاريائين. بس سڄو پاڙو ٿي ليئون ڪڍي مڙي آيو، شل نه هولي اچي ،اهڙا کڻي سانگ ڪندو

هو جو اڄ پاڙو پيو ڪلندو هو ته اڄ پاڙو پيو هٿ کڻي پرشوتم
کي پٽيندو هو. پرشوتم ڪهڙو نه شيطان هو، پر پاڙي
جو رکپال به هـڪڙو ئي هو. شل نه ڪو لفنگو پاڙي
جي ڇوڪريءَ جي بي عزتي ڪري، وچي ڳاٽي ڪان
جهليندس. چيءِ "تون ڪير جو اسان جي پاڙي جي
نياڻيءَ تي هٿ هلائين." اصل اهڙي حالت ڪندس
جو هميشه لاءِ توبهه ڪري ڇڏيندو. ڪابه دپ ڏاه جي
ڳالهه هوندي ته سڀڪو پڇندو پرشوتم وٽ. پرشوتم
هو به دل جو شير : ....

مان شايد اڃان به گهڻو ئي وقت پرشوتم بابت
سوچيندو رهان ها، پر جيئن ئي پارڪ جي گاڙ چوڻ
وڳي پورا ڪيا تيئن ئي چمن جو ٿالهه مٿي ڪلهي لاءِ
تيار ٿيندي چمن واري، لڪڙيل وارن کي جو مٿي
ڪلهي لاءِ جهٽڪو ڏنو، بس مونکي پنهنجو پرشوتم
عين بين نظر اچي ويو. هو جڏهن به ڪٿهن مان وڙهي
وڙهي سوپ پائيندو هو، نڏهن به ساڳيو اهو ئي جهٽڪو
ڏيئي وار مٿي ڪندو هو.

"اڙي، پرشوتم ته ناهين؟"

"ها" چمن واري مون ڏانهن ڇتائي نهاريندي
وراڻيو، "اڙي تون! خوش آهين چا؟ بار وساري
ڇڏيئه چا، ڀلا ڪڏهن کان ٻمبئي اچي وسائي اٿئي؟"

"مان ته چڱي وقت کان هتي رهندو آهيان.

"اچا! مان به هن پاسي ڪڏهن لنگهندو آهيان."

"اڄ هن مهل موڪل هئڻ ڪري گهر ۾ ويٺو
آهيان، نه ته سچو ڏينهن آفيس ۾ هوندو آهيان."
"ها، ها. اڄ ٢٦ جنوري ملهائڻ جي موڪل اٿيئي.
بار اسان کي تنهنجي ڪانگريس جي راڄ ۾ چمن جو
ڏي خوشبو نصيب ٿيو آهي."
"پاڻو، وقت جي پاهاري آهي. پنهنجي پگهار جو
پورهيو ڪري ته کائين ٿو نه."
"بار، صبح جو سويل ڪاماٺي (سنڌونگر) مان
نڪرندو آهيان ۽ رات جو واپس موٽندو آهيان. سچو
ڏينهن گهٽيون ڪڇيندي ڪڇيندي مس وڃيو ٥، ٨
روپيا ٺهندا آهن." پرشوتم ذرا ڏکاري آواز ۾ چيو.
"آدل اسان کي وري نوٽ نا ملن ڇا؟ آهو ڏيـي
٣٠٠، ٤٠٠ روپيا آهي، پوءِ ڇا ......"
اٿري ۾ ٥، ٦ سوٽيل پوٽيل جوان چڻن واري وٽ
اچي ڪنا ٿيا. پرشوتم، هنن کي چمون ڏيڻ لڳو. ڪو
ڏينهن هو جو هنن ڏي جوانن وانگر اسان جي چوباري
۾ قابليءَ وارتينا "ڏاهي" جي ڏيڍي چٽي واري ٿالهه
کي وراڻي ويندي هئي. پرشوتم ته جيسين پوڙهيءَ جون
۾ ڏي گاريون نه کائيندو هو تيسين ويلو پڪوڙا کڻي
پنهنجي دڪي ۾ وڃڻندو رهندو. ڏاهي جڏهن زور زور
سان رڙيون ڪندي هئي، تڏهن هٿ جوڙي چوندو
هوس، "امڙ ته ڪڏهن خواب ۾ به پڪوڙا کونه کارايا.
پوءِ تو وٽ نه کان ته پڻ ڪٿي کان؟"

ٻوڙهي وري ٻه گراهڪن ۾ مشغول ٿي ويندي هئي. مان سوچيندو هوس ته جيڪر پرشوتم پاڻ ڪمائي ته ڪهڙو نه چڱو ٿئي. پاڻ کي سکي رکي ته ٻيءَ جي ٻه ٻيري ۾ سار لهي. مگر پاڻ چوندو هو: "اهڙي ٻيءَ کي ڪمائي کارايان، جنهن منهنجي ماءُ کي ڏک ڏيئي ماريو. جيسين مئٽرڪ پاس نه ڪئي اٿم، تيسين بابو ته مونکي ڪمائڻ لاءِ چوندو ٻه ڪونه ۽ مان آهيان جو ٥ درجو پاس ٿي نه ڪندس."

سچ پچ ٿيو ٻه ائين. پرشوتم ڪتاب کڻي گهر مان نڪرندو هو ۽ اسڪول مان موٽڻ جي وقت تائين گدوبندر، ڦليلي، هيرآباد يا هوسٽيڊ هال جو چڪر هڻي اچي گهر پهچندو هو. انهيءَ رولو سياهه ڪري ڇڏي، اسان کان ٻه ڌار ٿيندو ويو ۽ ڏيٺ مون مئٽرڪ پاس ڪئي ليڪن هو ٥ درجي مان ڪونه نڪري ڪين نڪتو. باقي اسان ٻه ڪڏي پاڻي "انقلاب زنده باد" چوندا جيل وياسين ته پرشوتم اسان کان ڪوه دور رهجي ويو.

جڏهن واري جا گراهڪ ختم ٿيا ڳالهه جو سلسلو وري جاري ڪندي چيائين، "واه پاڻي جيل جي ڏوپ کائي آئين ته ٻه ڪا وزيري ڪانه مليئي؟"

"اڙي ٻار هتي ته ڪوتوالي ٻه ڪانهي، تون پيو وزيري جون ڳالهيون ڪر."

"بس ادل! ماڪ ماٺو آهي ڪانگريسين کي ليڪن ماڻهن جا تہ بُراحال ٿي ويا آهن."

"دادا، ٻو معون،" ڪملوءَ چمونءَ جو ٻچاڙي وارو ٽڪرو، ٽڪڙو وات ۾ کڻڪائيندي رڙ ڪئي. پرشوتم ٻچڪار ڏيئي ڪملوءَ کي دوني ۾ چمون وجهي ڏنو. "نالو ڇا اٿس؟ منهنجي بہ ننڍي ڪڪي هن جيڏي هوندي."

"تنهنجي ننڍي ڪڪي!" مان عجب ۾ پئجي نہ ويس، ليڪن وري پاڻ سنڀالي ورتم. چيم، "هن جو نالو ڪملو آهي."

"ڇو پاڻو، مونمان آسيد ٿي لاهي ڇڏي هيئم ڇا؟ اڇا تہ عجب ان ڳالهہ تان لڳندو جڏهن ٻڌندين تہ شادي بہ تنهنجي حيدرآبادي واري گهر پرسان رهندڙ، ٻالمندر جي ماستريائي شانتي سان ڪئي اٿم."

منهنجو تہ سچ پچ وات ئي ڦاٽي ويو. "شانتي ماستريائي! وڏوا؟"

"ڇو، مرد پلي ٻيا ڀي ٿي شاديون ڪن باقي شانتيءَ ڪهڙو گناه ڪيو؟ پاڻي ڳالهہ هيئن هئي. شانتيءَ کي ڪو سڳو ماءُ پيءُ تہ ڪونہ وڃو هو. نانيءَ وٽ رهندي هئي. سو پاڪستان ٿيو تہ سيڪو مٽ مائٽ ڇوي نہ پاڻ ڪٿون ڪيزيڊيڙيءَ کي گهليون. ڇو نہ هڪ ڏينهن رات جو پاڙي وارو حميد رڙيون ڪندو آيو، چئي، ماستريائيءَ جي گهر تي ٻناهگيرن حملو ڪيو آهي،

هڪ ڏينهن هڪڙي ڪاڪي اچي چيس، ”شانتي، تو هن لفنگي سان ڪڏ رهي چڱو ڪم نه ڪيو آهي.“ شانتي کي باهه وٺي ويئي چيائين: ڪاڪا پاڪستان ۾ نڌڻڪو ڪري ڇڏي اچڻ مهل ڪٿي هئا؟ ڪاڪا، جهڙڪا دنيا مون کي بي اجهي بي آسري ڏسي منهنجون ڏچون ٿي اڏائي، اُن کي پاڻ لت هڻي مان پرشوتم سان شادي ڪري ڏيکاريندي ساڻو.

”ڪاڪي جا ڪپات ٽي کلي ويا. هو رام رام ڪندو ڪنن تي هٿ رکي اٿي پيو. مون لاءِ ته دوست رات سان ڦري ڏينهن ٿي پيو. نيٺ منهنجي به ننڍڙي گهر ٺاهڻ جي آهلاڪا پوري ٿي. مون به گهٽ ڪونه سٺو آهي. گهڻيئي ننڍيون وڏيون نوڪريون ڪيم. نوڪري ڪندي لاءِ پئسو به گهڻوئي آهيان. پر هو نه چوندا آهن ته ڪٿو به ڪرم سان سونهين، سو نيٺ اچي ڪيمائيءَ (سنڌنگر) ۾ سنڌين پيرو ٿيو آهيان.“

”هائو آدا،“ مون کان ڊگهو ساهه پرجي ويو.

پرشوتم چيو، ”پاڻو، سچ ٿو چوان. سنڌين جهڙو ساٿ پين سان ڪين ايندو.“ چوندو خوش ٿيو ڪٿي پرشوتم ”ڪرم جمون ڪرم“ جو هوڪو ڏيندو رهندو رهيو. مان ڪيس ڏسندو ٿي رهيس.